ورڻ اوتار

شري اُڏيرو لال صاحب

"جنم ساکي"

شري اُڏيرو لال صاحب

ليکڪ:

شري ٿهلرام آسودومل، وڪيل

سنواري ڪندڙ:

پيتامبر برج لعل واڌي

ترتيب ڪندڙ:

ڪملا رگهوناٿ "پارئي"

آگسٽ ١٩٨٩) پيسا ٥-٠٠ (ڪاپيون ١٠٠٠

ڇپائيندڙ:

ٺڪر قيمتراءِ پوچ ٺڪر هيرالعل صاحب (سيوهاڻي)

سمان - بمبئي.

श्री शान्ति संत बाबा आसुदाराम आश्रम
शिवसखी पुस्तकालय एवं वाचनालय
वी०आई०पी० रोड लखनऊ

Vith best Compliments from

am "Durga" Phone : Mill 20868
Resi. 20614

Durga Oil Mill

Manufacturers of

All Kinds of OIL

Parao, AJMER–305001.

दुर्गा आइल मिल

हर प्रकार के तेल के निर्माता

पड़ाव, अजमेर (राज०)

ڀومڪا

هڪ کي جڏهن انيڪ ٿيڻ جو ويچار آيو تہ برهما، وشڻو، مهيش اُتپن ٿيا. آڪاش، پرٿوي، پاتال پيدا ٿيا. انسان بہ پنجن عناصرن (تتون) آڪاش، وايو، اگني، جل، پرٿويءَ جو اُن ۾ اَهنڪار، ٻڌي، من، پنج تن ماترائون، پنج گيان اندريون، پنج ڪرم اندريون ٿيون. ان ۾ آتما داخل ٿي. ڀڳوان انسان کي پيٽ ڏنو. انسان رهڻ لاءِ مڪان، پهرڻ لاءِ ڪپڙو، کائڻ لاءِ اَن، روزگار وغيره لاءِ سنسار ۾ اُدم ڪري ڇا ڇا نہ تيار ڪيو آهي. پنهنجين گهرجن پورڻ ڪرڻ لاءِ رات ڏينهن، نيون نيون ايجادون ڪري رهيو آهي. من ۽ آتما کي ٺيڪ ڪرڻ لاءِ وديا، تندرستي، سانسڪرتڪ ۽ ساهتيہ وڪاس لاءِ بہ هٿ پير هڻي رهيو آهي.

هن ترڪٽي سرشٽيءَ ۽ پرش (پرماتما) جو دنيا جي قديم گرنٿن ويدن ۾ ورڻن آهي. اُنهن ويدن تي وقت بہ وقت ڪيترن مهرشين ٽيڪائون لکيون آهن. گرو ۽ شش پرمپرا هلي. سنسار کي ڪا شڪتي هلائي رهي

اوم

منگلاچرڻ

لال اڏيرا تنهنجا پريم ڀريا پير،
تو ٻاجهون ڪير پير، ڪري اسان تي مهر.

پيرن پئي اسان ٿي جڏهن، تڏهن تو ڪئي سار،
سي ڪيئن اسين وسرون پلي، دل مان هي دلدار.

تو ٻاجهون پير ناهه ڪو، اسانجي ڪل جو ناٿ،
شو، برهم، وشنو سڀئي، آهن تنهنجي ساٿ.

ديون جو ديو تون، پيرن جو پڻ پير،
شاهن جو تون شاهه صحيح، ميرن جو پڻ مير.

ڪريان تنهنجي بندگي، هميشه ڏينهن ۽ رات،
تنهنجي آسري آهه سڄي اسان جي ذات.

شري امرلال سهاءِ

ڇپيندڙ
امر پارس پرنٽنگ پريس، هاٿي ڀاٽا، اجمير.

فولڊر تيار ڪيا ويا آهن.

ڪيتري وقت کان منهنجي شوق هو ته توهان
۽ ڪو امرلعل تي ڪتاب ڇپايو. مان جاچ چالو ڪئي
هڪ ڪتاب هٿ آيو. مان پڙهيو، ٻين شوق کان پڙهيو.
اسان ٿورائتا آهيون ان پستڪ وارن جا، اسان انهي
پوري مدد ورتي ۽ ان ۾ پنجڙا، پلو، استتي، آرتي
آڪي پڙهڻ جو رستو ٻڌائي، پستڪ کي مڪمل ڪرڻ
جي ڪوشش ڪئي رهئي آهي. "تن ڪي ساگر ڇا
ٻوڙي، جن کي دولهه تاري."

اصل عربي لپيءَ جي ڪتاب کي ديوناگريءَ ۾ آڻڻ،
پريس ۾ ڇپائڻ، پروف ڏسڻ جو ڪم اجمير جي اڳين
اسيمبلي ميمبر ۽ هاڻوڪي اجمير شهر جي پارٽيءَ جهڙا
پارٽيءَ جي صدر، پنهنجي شوق تي ڪم ورتو. پهريائين
ته هن ٻڌي همت نه ٻڌي، ڇپائين مرنڪي ڪيترن
سنستائن ۾ ڪم ڪرڻ ۽ ڊاڪٽري ذميواري آهي؛
انهن مشغولين ۾ اهڙو وقت ڪيئن ڪيڏي سگهندس؟
پر شاباس هجيس جو ديوناگريءَ ۾ سڄو ڪتاب تيار
ڪيائون. پريس واري کي ٻه ڏاڍو ڪم مليل آهي جو
آهرپون سنڌي پريسون آگرا تي ڳڻڻ جيترين مس
آهن، جي ايمانداريءَ ۽ صفائيءَ سان وقت سر ڪم
ڪري ڏين ٿيون. نولراءِ ڀاٽي به جنم کان ڌارمڪ
وچارن وارو آهي، سو لکڻ پڙهڻ ۽ ديوناگري ڪرڻ

آهي. اِنلاءِ ڪٿين اُنومان اُپنشدن ۾ ڏنل آهن. न + इति
هيءَ نہ، هيءَ نہ، नेति, नेति ڇئي، نيٺ اُن تتو جو
ساکياتڪار ڪيو ويو. يوگ، سانک، اُپاسنا، ڀڳتيءَ ۽
انيڪ رستن سان اُنکي پائڻ جا مارگ ٻڌايا ويا.

وقت بہ وقت ديوتائن ۽ راڪشسن جي جنگ لڳي.
پراڻ، رامائڻ، مهاڀارت انهن مثالن سان ڀريا پيا آهن.
گيتا ۾ ڪرشن ڀڳوان ٻڌايو آهي تہ پنجن تتون جو شرير
ڇڏي ٻيو ڌارڻ ڪري ٿو. آتما اَمر آهي. باقي ناسونت
شرير جي رڇڻ تي ڏک نہ ڪرڻ جڳائي. شري ڪرشن
ڀڳوان گيتا ۾ اُرجن کي چيو آهي تہ جڏهن اَڌرم وڌي
ويندو آهي. ڀڳت جن، سچيءَ دل سان پڪاريندا آهن
تہ مان ڌرم ۽ ڀڳتن جي رکيا ڪرڻ لاءِ، يگ يگ ۾
اَوتار وٺي اچي دشمن جو ناس ڪندو آهيان.

اٽڪل هڪ هزار ورهيہ اڳ سنڌ پرڳڻي ۾ مرک نالي
بادشاهہ هندن کي مسلمان ڪرڻ چاهيو ۽ ڏاڍا ظلم
ڍاهيا. اُن وقت هندن مهلت گهري ۽ درياهہ تي وڃي
پڪاريو تہ هي ورڻ اَوتار! اسانجي اچي رکيا ڪريو.
اُتي آڪاشواڻي ٿي تہ ”مان سنت رتن راءِ جي گهر جنم
وٺي، مرک بادشاهہ کي سيکت ڏيندس، توهان ڀڳتن
جي رکيا ڪندس.“ شري اُمرلعل سنڌ ۾ ۽ آسپاس
اچي پنهنجا ڪرشما ڏيکاريا. ڪيترن نالن سان کين
پڪاريو ويو، ڪيترا نديا وڏا سندن جيون تي ڪتاب،

اپريل

— دلي تمنا —

پوج ٺڪر صاحب ڀيمسراءِ جن، سيان ممبئيءَ مان لکن ٿا ته انڪل سنه ١٩٧٤ع جي ڳالهه آهي، جو شهر نوهر (راجستان) ۾ ڀوليون ڏسڻ ويو هوس، جتي پوج لال صاحب جن جو مندر ٺهيو پئي. اتي سنڌين جا انڪل ٣٠٠ ڪن گهر آهن، پر پاڻ ۾ ڏاڍو پريم ۽ ٻڌي اٿن. پڇا ڪرڻ تي معلوم ٿيو ته هن ڪاري لاءِ رڳو شهر مان وصولي ٿي آهي ۽ ٻاهران هڪ پئسو به نه ڪم آندو ويو آهي. مندر تي انڪل ڏهه لک روپيه لڳا ۽ ست سال ٺهڻ ۾ لڳا. اتي جي پنڊتن چيو ته ايندڙ چيٽي چنڊ تي توهان اچي ان مندر جو اُدگهاٽن ڪجو. مان اُتي سال چيٽي چنڊ تي پهتس ۽ هن شڀ ڪاري جو اُدگهاٽن ڪيم. مان اُتي جي باشندن کي لک لک واڌايون ڏيان. جهولي لعل، ٻيڙا پار.

ٺڪر صاحب لکن ٿا ته مان جهولي لعل جا ڪيترا ئي مندر هندستان ۾ ڏٺا آهن، پر هن جي ڀيٽ ۾ ڪو به مندر مونکي نٿو سجهي. هن جي ڪاريگري ۽ سجاوٽ ڏسي دل کي ڏاڍو آنند آيو ۽ بيحد خوشي ٿي. هنکي جيڪڏهن سنڌين جو تاج محل چئجي ته ڀي گهٽ آهي. هن مندر جو ٺاهيندڙ هڪ سردار آهي، جنهن پنهنجيءَ لگن ۽ ڪلا سان اهڙو مندر جوڙيو آهي.

۽ آتما کي آنند اچڻ لڳي ۽ ايشوري ڪارڻ، کي خود جهولي لعل توفيق ڏني جس جو ڀاڳي بڻيان.

مان ڪيترن شيوڪن کي لکيو ته آسان ٺڪر پرمپرا کان توهانجا ڪل گرو شيوا ڪري رهيا آهيون، هن ڌرمي پستڪ ۾ مشهوري، دان وغيره ڏيو ته سنڌين کي سنگهٽت ڪريون. ڀارت جي ورهاڱي ڪانپوءِ اسان سنڌين کي پنهنجي ٻولي، ساهتيہ، اتهاس زنده رکڻو آهي ۽ انکي پڙهڻو، عمل ڪرڻو، وهنوار ۾ آڻڻو ۽ سنسار کي ٻڌائڻو آهي.

مان ٿورائتو آهيان ونده، نولراءِ ٻچاڻيءَ جو، پرڪاس وارن جو، دان ورن، شيوڪن جو، جن جي مدد سان هي پستڪ توهان پاٺڪن جي هٿن ۾ آهي. پنهنجي راءِ ڏيندا ۽ ڪا غلطي هجي ته لکندا، جيئن اڳتي ڀلي سڌاري سگهجي. ڌنيواد.

شيوا ۾

ٺڪر قيمتراءِ پوڄ ٺڪر صاحب هيرالعل
(سيوهاڻي)

آگسٽ، ۱۹۸۹ سيان، بمبئي.

COPY RIGHT JULELAL (240) SHARMA PICTURE

اُتي پهچڻ جو رستو سولو آهي، جئپور مان شام جو اَٽڪل ٧ بجي گنگا نگر ايڪسپريس هلندي آهي، جا ٻوهر ٻئي ڏينهن صبوح جو ٥ بجي پهچندي آهي. اُتان درشن ڪري، رات جو ١٠ بجي ايڪسپريس گاڏي هلندي آهي، جا ٻئي ڏينهن اَٽڪل ٩ بجي صبوح جو جئپور پهچندي آهي. شرڌالو ساڳئي ڏينهن مراد پوري ڪري واپس اچي سگهن ٿا.

منهنجي دلي تمنا آهي تہ سنڌي ڀائرن کي اهڙا رمڻيڪ مندر ٺهرائڻ گهرجن. راماڻ ڪال ۾ ڏسنداسون تہ لو ۽ ڪش مهرشي والميڪ کان راماڻ ياد ڪري، جهر جهنگلن، گهٽين، محلن، ڳوٺن ۽ وڏن شهرن ۾ ڳائي رام کي دنيا ۾ رمائي ڇڏيو. پنهنجي گروجن ۽ اشٽديو کي پوڄائڻ جو ڪم اُنهنجا شرڌالو ڀڳت ۽ شيوڪ ڪندا آهن. اَچو تہ اَسان ڇوٽي ڇمب "سنڌيت جو ڏينهن" وڏي ڌوم ڌام سان ڄئي ڪٽي ملهائي پنهنجي سڀيتا قائم رکون. شري اَمرلعل جا سهڻا مندر ٺهرائي اشٽديو جي پوڄا جٽي ڪٽي ڪريون ۽ ڪرايون. اُن ۾ سنڌي جاتي لاء فخر جي ڳالهہ ٿيندي ۽ پنهنجو مانش چولو بہ سڦلو ٿيندو. لعل جا جهاني ڇڙو جهولي لعل.

شيوا ۾

وڌيہ نولراء ٻچاڻي

(اڳوڻو اسيمبلي ميمبر)

هاٿي ڀاٽا، اجمير.

اجمير

تاريخ ١٥ آگسٽ ١٩٨٩ع

شري اُڏيرو لال صاحب

اوتار وٺڻ جو مقصد

شري ڪرشن ڀڳوان گيتا ۾ ارجن کي فرمايو آهي ته جڏهن جڏهن پرٿويءَ تي ڌرم جي هاڃي ٿيندي آهي ۽ دشٽ لوڪ سنتن کي تڪليف ڏيندا آهن، تڏهن سنتن جي رکيا لاءِ ۽ ڌرم کي قائم رکڻ لاءِ مان (ايشور) پرٿويءَ تي اوتار وٺندو آهيان. شري اُڏيرو لال صاحب سنڌ ۾ هندن جي سهائتا لاءِ ورڻ ديوتا جو اوتار ورتو آهي. هڪ هزار ورهيه اڳ، سنڌ جو مسلمان بادشاهه مرکه هو. هو سومرو ذات جو هو. هن جي گاديءَ جو شهر ٺٽو نگر هو. ٺٽو شهر اڳي سنڌو نديءَ جي ڪپ تي هڪ وڏو شهر هوندو هو. اُهن ڏينهن ۾ ٺٽي شهر جو وڏو اوج هوندو هو. هاڻي درياهه به ڇڏي ۽ ڪوهه کن شهر کان پري وهي ٿو.

بادشاهه مرکه کي پنهنجي مسلمان وزيرن ۽ اميرن جي ڪري هندن سان ڏاڍو تعصب هوندو هو، جنهن ڪري هندن کي سهندو ئي ڪونه هو. هو هندن کي مسلمان مذهب ۾ آڻڻ لاءِ زور ڀريندو هو. جيڪي هندو مسلمان مذهب قبول نه ڪندا هئا، تن تي مرکه بادشاهه

مرک بادشاهه هندن کي ڏاڍي تڪليف ڏني ۽ هنن
مٿان گهڻا ظلم ڪيا. هن جي اِها مرضي هئي ته سنڌ جي
سڀني هندن کي زبردستيءَ سان مسلماني دين قبول
ڪرائجي، جيئن سنڌ جا سڀئي هندو مسلمان ٿين. هندن
سنڌس اِها ڳالهه قبول نه ڪئي. تنهن تي هن هندن
مٿان سختيون ڪيون. مرک بادشاهه جو وزير آهڻو نالي
هو، جو هڪ ڪٽر مسلمان هو. آهڻو وزير ۽ مرک بادشاهه
ٻئي هڪ صلاح جا ٿيا ته سڀ هندو مسلمان ٿين ته
ڏاڍو چڱو. هو ٻئي هڪٻئي سان صلاح مصلحت ڪندا
هئا ته ڪهڙي دستور سنڌ جي هندن کي مسلمان ڪجي.
مرک بادشاهه ۽ آهڻي وزير نصرپور شهر ۾ هي پڌرو
گهمايو ته هر ڪو هندو ٻيا ڌير اسلامي دين قبول ڪري
مسلمان ٿئي. جيڪڏهن ڪو به هندو اهو حڪم نه
مڃيندو ته انکي قتل ڪيو ويندو. بادشاهه جو مٿيون
حڪم نصرپور جا هندو ٻڌي ڏاڍو دکي ٿيا. هنن کي
کاڌ پيئڻ وسري ويو. سڄي شهر ۾ رڙ پئجي وئي.
هندن جا رڱا ڏيگڙا لهي ويا. سڀني هندن گڏ ٿي صلاح
ڪئي ته هندو ڌرم لاءِ سر ڏينداسون، پر هندو ڌرم
نه ڇڏينداسون. سڀني هندن گڏجي ايشور کي پرارٿنا
ڪئي ته جهٽو ۽ مالها اسان جا پراڻ آهن. اسانجي هن
تڪليف جي وقت ۾ سهائتا ڪر ۽ لڄ رک. اسين سڀئي
تنهنجي شرڻ ۾ آيا آهيون. هندن جا پنچ گڏجي مرک
بادشاهه ۽ آهڻي وزير وٽ ويا ۽ هنن کي آزي نيزاري

ڏاڍا ظلم ۽ سختيون ڪندو هو ۽ زوريءَ هندن کي
مسلماني دين قبول ڪرائيندو هو. بعضي انهنکي مارائي
به ڇڏيندو هو. ڪيترا ويچارا هندو پنهنجو ڌرم پنهنجيءَ
جان کان به وڌيڪ پيارو سمجهي بادشاهه جون سختيون
پيا سهندا هئا. اهي بهادر مرڻ قبول ڪندا هئا، پر هندو
ڌرم ڇڏي اسلام مذهب اختيار نه ڪندا هئا. هزارين
هندن پنهنجي ڌرم خاطر پنهنجو سر قربان ڪري ڇڏيو.
پر پنهنجو هندڪو ڌرم نه ڇڏيائون. الهيءَ هوندي به
ڪيترا هندو زوريءَ مسلمان ڪيا ويندا هئا. مرک بادشاهه
سنڌ جي هندن مٿان ڏاڍو اڻرت (ظلم) ڪرڻ لڳو. اهو
وقت هندن لئي ڀيڙ جو هو. هندو ڌرم جي هاڃي ٿي رهي
هئي. سنتن ۽ برهمڻن جي پرارٿنا تي جولي سروپ "شري
ورڻ ديو شري امر لال صاحب" ديا ڪري سنڌ ديس
جي نصرپور شهر ۾ ڀڳت رتن راءِ جي گهر اوتار ورتو
۽ مسلمانن کي سمجهائي سنڌ ڌرم جي رکيا ڪئي.

شري امر لال صاحب نه فقط سنڌ ۾ پر ٻين ملڪن ۾
پڻ پرسد آهن. ڪيترا شرڌالو پوڄاري شري امرلال
صاحب جا انهن ملڪن ۾ رهن ٿا، جن جو اٽل نشچو ۽
شرڌا شري اڏيري لال صاحب ۾ آهي. شري اڏيري
لال صاحب هندن جي جٽي ۽ چوٽيءَ جي رکيا ڪئي
آهي. شري امرلال صاحب جي جنم ليلائن جي پرسد
ڪرڻ لاءِ سنڌ ورچتر کيل ۽ اڌ پت ليلائن جو ورنن
هن پستڪ ۾ ڪجهي ٿو.

برهمڻن، کترين، ويشن ۽ شودرن گڏجي سنڌو نديءَ
جي ڪناريءَ تي ويهي ٿي ڌيان ۽ نئي واتيون ورڻ ديو
کي پرارٿنا ڪئي ته ”هي ورڻ ديو! اسانجي هن
تڪليف جي وقت لڄ پت رکه، اسانجو عرض
اگهاءِ ۽ اسانجي رکيا ڪر ۽ اسانجي هندو ڌرم
جي رکيا لاءِ هاڻي اچي وسيلو ٿيءُ.“ هي پريو!
ڏينهنجو هيءُ چوڻ آهي ته، پرٿويءَ تي جڏهن جڏهن
ڌرم جي هاڃي ٿئي ٿي ۽ پاپ وڌي ٿو، تڏهن تڏهن
مان يگه يگه دشٽن کي ناس ڪرڻ لاءِ ۽ ساڌن جي رکيا
ڪرڻ لاءِ اوتار وٺان ٿو. سو هي پريو! هن کان وڌيڪ
وري ڌرم جي ڪهڙي هاڃي ٿيندي؟ هي ديالو! تون
سگڻ روپ ڌاري اچي اسانجي سوڙهيءَ ۾ سهاءِ ٿيءُ.
جهڙيءَ ريت اڳي به تو ساڪار روپ ڌاري ڀڳتن جي
رکيا ڪئي آهي، تهڙيءَ طرح هاڻ به اهڙو اوسر اچي
بڻيو آهي. هاڻي تون اوتار ڌاري اسانجي رکيا نه
ڪندين، ته ڌرم جي هاڃي ٿيڻ کان پوءِ اوتار وٺي
ڇا ڪندين؟ اي اناٿن جا ناٿ! جي تون ڌرم جو
رکپال آهين ته جلدي سگڻ روپ ڌاري اوتار وٺي ڌرم
جو بيڙو اچي پار ڪر ۽ ڌرم جو پالن ڪري اسانکي
هن مشڪلات کان ڇڏاءِ.“ اهڙيءَ طرح سڀئي هندو
گڏجي گهڻي قدر ورڻ ديو جي استتي ڪئي. سڀئي
هندو ڪساڌو ڀيٽو ڇڏي، ايشور اڳيان بار بار پڪار
اها وينتي ڪرڻ لڳا:-

ڪيائون ته اوهانکي، اسان رعيت کي اولاد مثل
سمجهڻ گهرجي ۽ اولاد جاڻي پرجا جي سنڀال ڪرڻ
گهرجي. بادشاهه کي پنهنجي پرجا جي سڀني ماڻهن کي
هڪجهڙو سمجهڻ گهرجي ۽ ڪنهن سان به ڏاڍائي يا ظلم
نه ڪرڻ گهرجي. جيئن مسلمانن کي اسلامي مذهب پيارو
آهي، تيئن اسان هندن کي هندو ڌرم پيارو آهي،
بادشاهه کي رعيت جي ڌرم ۾ دست اندازي نه ڪرڻ
گهرجي. مهرباني ڪري اهو ظلم جو خيال اسان سڀني
هندن کي زوريءَ مسلمان ڪرڻ جو لاهي ڇڏيو. پر مرکه
بادشاهه هندن جي ليلائڻ ۽ منٿن ڪرڻ تي به پنهنجيءَ
هوڏ تان هيٺ نه لٿو. هن آنندو شوخ تي ڪاوڙجي چيو
ته جيڪڏهن اوهان ڪل خوشيءَ سان پنهنجي ڳالهه قبول
ڪري مسلمان نه ٿيندا، ته اوهان کي زوريءَ مسلمان
ڪيو ويندو. بادشاهه جو اهو حڪم ٻڌي هندو ڏاڍا
دکي ٿيا. آخر هندن بادشاهه کي عرض ڪيو ته "جيئندا
قبلا! اسان کي ٽن ڏينهن جي مهلت ڏيو ته اسين پنهنجي
ستگوروءَ وٽ وڃي هن کي پرارٿنا ٿا ڪريون ۽ جيئن
گروُ حڪم ڏيندو، تيئن اسين ڪنداسون. بادشاهه پنڊتن
جي اها ڳالهه قبول ڪري، هنن کي ٽن ڏينهن جي مهلت
ڏني، تنهن کان پوءِ سڀني هندن گڏجي ويچار ڪيو
ته هاڻي ڇا ڪرڻ گهرجي؟ هنن آخر پرڀو پرماتما کان
سواءِ ٻي ڪا اوٽ نه ڏسي، انهيءَ آسري وٺڻ جو
خيال ڪيو. اهو ويچار ڪري چئني ورڻن جي هندن

جڏهن مرکہ بادشاهہ هندن جي اِها ڳالهہ ٻڌي، تڏهن هنکي هندن جي ڳالهہ تي اعتبار نہ آيو تہ کهڙيءَ طرح ايشور انسان جو چولو وٺي هندن جي اچي مدد کندو. بادشاهہ آهتي وزير سان صلاح کئي، بادشاهہ مرکہ کي ساڃهہ آئي. بادشاهہ ۽ وزير هندن جي پنچن کي چيو تہ چڱو، اسين ترسون ٿا، ڏسون کيئن اوهانجو ستگرو اوهانجي مدد اچي ٿو کري. ڏسون تہ کهڙو اوهانجو رودار جاڳي ٿو، جو توهانجو بچاءُ اچي کري ٿو. جيترو ٽيڪ مان سمجهان ٿو تہ اوهانجي مغز ۾ اهو اجايو اُٺ اچي ويٺو آهي. اِها ڪا ڳالهہ ٿيڻي آهي جو خداتعاليٰ انسان جو جامون پهري توهانجي مدد اچي کندو! توهان ڀلي اِها ڳالهہ آزمائي ڏسو، انهيءَ ۾ ڪي اچي وڃي ٿو. پر هيءَ ڳالهہ ياد رکجو تہ نکو ڪو اوهان جو رودار جاڳي، نکو ڪو اوهانکي مدد کري. جڏهن ڪو ڪونہ جاڳيو تہ پوءِ اوهان سڀني کي خوشيءَ سان يا زوريءَ سان مسلماني دين قبول ڪرڻو پوندو.

سڀ هندو پنهنجن گهرن ۾ ويهي، ايشور جو ڀڄن کرڻ لڳا ۽ ايشور جي اَوَتار وٺي اچڻ لاءِ واجهائيندا رهيا. هو ايشور جي اڳيان اِها پرارٿنا کندا رهيا تہ هي ڀڳوان! جلدي اوتار وٺي ڌرم جي جئہ مناءِ.

جٽيو ماڻها هوري ٻراڻ لکيا راکو ٻرکہ سبحان،
سڀس جاءِ ۾ ڌرم نہ جاءِ،
شري اڏيرو لال گرو هوءِ سهاءِ.

تنهن ڏينهن ٻرانهڪال جو آڪاش واڻي درياه جي طرف کان ٻڌڻ ۾ آئي، اي هندو ويرو! اوهان ڪو بہ شڪ نہ ڪريو ۽ نڪي گهٻرايو. اوهان مرکہ پادشاه کي وڃي هي ءُ اسانجو نياپو ڏيو تہ اسان جلدي هن شهر نصرپور) ۾ ڀڳت رتن راءِ جي گهر ۾ اوتار وٺي اچي سائينس ملنداسون، تيستائين هو صبر ۾ رهي. اوهان هاڻ موٽي پنهنجي گهرن ۾ وڃو، مان اوهان جا جلدي سڀ ڪم اچي راس ڪريان ٿو.

اها آڪاش واڻي هندو ٻڌي ڏاڍا خوش ٿيا. هنن کي خوشيءَ وچان اکين ۾ پاڻي ڀرجي آيو. هو خوشيءَ ۽ آنند کي پراپت ٿي ايشور جا گڻ ڳائڻ لڳا. هندن گڏجي جنہ جاپس ناراڻ هري، پڪاريو. سڀئي هندن جا ڏک دور ٿي ويا. هو سڀ ساڻ پنهنجن گهرن ۾ موٽي آيا. شهر جا پنچ اچي وزير وٽ ويا ۽ هن سان سمورو حال ڪيائون تہ ڪهڙيءَ طرح اسان درياه جي طرفان آڪاش واڻي ٻڌي آهي تہ جلدي اسان جو سنگرو اسان جي نصرپور ۾ سيٺ رتن راءِ جي گهر اوتار وٺي، اوهان سان گڏبو.

ڪري سگهندو؟ ڇاڪاڻ ته چوڏهينءَ جو چنڊ رما ڪڍيو بيٺو آهي.“ اُن وقت پرڪرتيءَ جي سوڀيا اچرج روپي هئي. چوڌاري آنند ئي آنند ڇانيل رهيو هو. هڪڙو ته هئي بهار جي موسم، ٻيو ورِي اُن وقت سڄو آسمان ڪڪرن سان ڇانيل ويو ۽ سنهي سنهي ٻُوند وسڻ لڳي. سيئي ماڻهن جي اندر ۾ ارچيو خوشي اچي جاڳي. پرڪرتيءَ جي سوڀيا ڏسي، نه رڳو انسان خوش ٿيڻ لڳا، پر پکين، جانورن ۽ جيتن کي به ڏاڍو آنند پراپت ٿيو. آهي سڀ خوشيءَ ۾ اچي نچڻ لڳا.

ٻالڪ جي جنم جي خبر جلدي سڄي شهر ۾ ڦهلجي وئي. شهر جا سڀ ماڻهو ۽ استريون اُن ٻالڪ کي ڏسڻ لاءِ رتن راءِ جي گهر آيا. سڀئي ٻالڪ جو سندر سروپ ڏسي ڏاڍا خوش ٿيا. پڪيت رتن راءِ ۽ ديوڪي پنهنجي گهر ۾ سندر ٻالڪ ڏسي ڏاڍا خوش ٿيڻ لڳا ۽ ٻرڀوءَ جا شڪرانا ۽ مهما ڳائي، ڀاڳ کي ڀڳوان سمجهڻ لڳا. برهمڻ، پنڊت ۽ جاچڪ رتن راءِ کي واڌايون ڏيڻ لڳا. رتن راءِ سڀني کي دان ڏيئي خوش ڪيو. برهمڻ ٻالڪ جي جنم لکڻ وقت چيو ته ”هي ٻالڪ ايشور جو اوتار آهي، جو جڳت جي تارڻ لاءِ پرٿويءَ تي اوتار وٺي آيو آهي.“ گرو برهمڻ ٻالڪ جو درشن ڪري ڏاڍو خوش ٿيو. ڇهين ڏينهن ڇٺي تي ٻالڪ جو نالو برهمڻ ”اُدي چند“ رکيو. پر رتن راءِ ۽ ماتا ديوڪيءَ پيار وچان ٻالڪ کي اڏيرو ڪري سڏيندا هئا.

اڏيري لال صاحب جو جنم ڌارڻ

هڪ هزار سال اڳي سنمت "رتن راءِ"، شهر نصرپور تعلقو ٽنڊو الهيار ۾ رهندو هو. هو ذات جو لهاڻو هو. سندس استريءَ جو نالو "ديوڪي" هو. انهن ڏينهن ۾ سنڌو ندي نصرپور شهر جي پاسان وهندي هئي ۽ سنمت رتن راءِ جو گهر درياهه جي ڪپ تي هو. سنمت ١٠٠٨ چيٽ جي مهيني ۾ آرتوارَ جي شب ڏينهن، ٻيج جي تٿ، چنڊ جي ڏينهن سانجهيءَ مهل ڀڳت رتن راءِ جي گهر ۾ "شري اڏيرو لال صاحب" اوتار ڌاريو. ڀڳوان جي اوتار ڌارڻ کي جنم نه چئبو آهي. پر هن کي پرگهٽ ٿيڻ چئبو آهي. عام لوڪن وانگر ڀڳوان جا اوتار مايا جو آسرو وٺي پرگهٽ ٿيندا آهن. "شري اڏيرو لال صاحب" جو جنم رواجي ٻالڪن جي جنم وانگر ڪونه ٿيو. ان سندر ٻالڪ جي سروپ جو ڪير بيان ڪري سگهندو؟ جا ٻالڪ جي سروپ، ڪانتي ۽ جا ٻالڪ جي مک جي چمڪ "لال صاحب" جي اهڙي نه سوڀيا هئي، جو خود سورج جو پرڪاش ۽ بجليءَ جو چمتڪار سندن مک اڳيان لڄي ٿي ٿيو، سڀئي لوڪ ٻار کي ڏسي چوڻ لڳا ته "هزارين ٻار ڏٺا اٿون پر لال صاحب جهڙو سندر ۽ ڪلا وارو ٻالڪ اسان ڪڏهن ڪونه ڏٺو. هي ٻالڪ ساکيات پرماتما جو سروپ آهي ٻالڪ جي سندر سوڀيا جو ورڻن ڀلا ڪير

ٻالڪ کان ڏاڙهيون ٻهارجن ، تڏهن کان ٻوءِ ٻالڪ کهر
ڏاڙهيندو. اهو وهنوار ڪري ماتا ديوڪيءَ ڳوهل اُنو
درياهه شاهه جي پروان ڪرڻ لاءِ موڪليو ۽ درياهه تان
آندل جل مان ٿي ڏاڙهيون ٻالڪ کي ٻهاريون ، تڏهن کان
ٻوءِ لال صاحب ماتا جي ٿڃ ڏائڻ لڳو. تڏهن کري اڄ
ڏينهن کان وٺي ٻالڪ جي جنم تي درياهه شاهه جي پوڄا
لاءِ ڳوهل اُنو وڃڻ ۽ ڪلي جو رواج عام آهي .

وٺ واءِ ۽ ديوڪي ڏاڍو هلڻ کي پاڳوان ۽ سکي
جاڻي ٻار کي ٻپائڻ لڳا.

आपकी बढ़िया पंसद का बढ़िया पापड़ आटा

गणेश ब्रांड आटा

वापरें

मिलने का स्थान –

दोस्तों की दुकान

पटेल भवन के पास, भोपाल गंज, *भीलवाड़ा* (राज.)

اڏيرو لفظ جي معنيٰ آهي وڙهن ۾ واڪاڻيل يا وڌيو.
شري اڏيري لال صاحب جو جنم ٺارونءِ (جمع) ڏينهن
ٿيو هو، انهڪري لال صاحب جا شوق ٺارونءَ جو
ڏينهن لال صاحب جي جنم جو ڏينهن ڪري ملهائيندا
آهن. جني واچيندڙ گربرهمڻ جني واڻي، رتن راءِ کي
ٻڌايو تہ "سنڌس ٻالڪ پرماتما جو اوتار آهي. هو ڌرم
جي رکيا لاءِ پرٿويءَ تي پرگهٽ ٿيو آهي. هن کي
سارو جڳت نمندو ۽ پوڄيندو." لال صاحب کي جڏهن
ماتا ديوڪي کير پيارڻ لڳي، تڏهن هن وات کي بند
ڪيو. اها حالت ڏسي سڀ اداس ۽ وياڪل ٿيڻ لڳا.
رتن راءِ ٻيڻ زالن ۽ طبيبن کي گهرايو، پر ڪوبہ نتيجو
ڪونہ نڪتو. سڀ لاچار ۽ بيوس ٿي لال صاحب کي
وينتي ڪرڻ لڳا. تنهن هوندي بہ ماتا جي گود ۾ وٺل
شري امر لال صاحب ماتا جي ٿڃ ڌائڻ ۽ پاڻي پيئڻ کان
نابري واري. لال صاحب وات پٽي ماتا کي وات ۾ هڪ
اڄرج ليلا ڏيکاري. ماتا ديوڪيءَ کي ڏسڻ ۾ آيو تہ
ٻالڪ جي مک اندر سنڌو درياهہ پيو وهي ۽ منجهس انيڪ
جل جا جيو ڏهي رهيا آهن. ماتا ديوڪيءَ کي ڏسڻ
۾ آيو تہ هڪ مهاپرش سنڌس ٻالڪ کي درياهہ مان ڏاس
ڏيئي رهيو آهي. اهو اڄرج ڏسي ديوڪيءَ کي هي
وچار آيو تہ سنڌس ٻالڪ چاهي ٿو، تہ پهريائين جل
هي جيون کي درياهہ شاهہ ۾ پوڄن ڪرائجي ۽ ڪنهن
سنت پرش جي هٿان درياهہ ڏان جل گهرائي، هن کا

هاڻي همت سان چوڻ لڳا ته اسان جو واھرو ۽ رکيا ڪندڙ نصرپور ۾ اوتار وٺي پرگهٽ ٿيو آهي. هو اسان جا سڀ ڪارج پورا ڪندو. تنهن تي مرکه بادشاهه ۽ آهڙو وزير هندن مٿان چڙهون ۽ ٺٺوليون ڪرڻ لڳا ته ڏسون ته، اوهان جو مددگار ڪيئن ٿو اوهان جي واهر ڪري. اوهان هندو ڏاڍا پورڙا ۽ پرمٽڙيا آهيو. ڪنهن حرڪت ڪري توهان سان مڪري ڪئي آهي ته توهان جو ڌرم رکشڪ جل مان پيدا ٿيو آهي، جو اوهان جي مدد ڪندو. هندن وزير کي ٻڌايو ته ايشور سرو وياپي ۽ سرو شڪتيوان آهي. هن وڏا وڏا بادشاهه خاڪ ۾ ملائي ڇڏيا آهن. اسان کي شري اَمرلال ۾ پورن نشچو آهي. اسين هاڻي توهان دنيا جي پادشاهه پر نٿا ڀڄون. هندن وزير کي چيو ته بادشاهه کي صلاح ڏي ته اسان سان ظلم نه ڪري، نه ته سندس لاءِ چڱو نه ٿيندو. هندن جو اهڙو پڪو وشواس ۽ نشچو ڏسي، مرکه ۽ سندس وزير چنتا ۾ گذارڻ لڳا. مرکه بادشاهه کي شري اَمرلال صاحب ڀيانڪ حالتون ۽ روپ سپني ۾ ڏيکارڻ لڳو. بادشاهه کي اهو دل ۾ خيال آيو ته ولي الله سان وڙهڻ يا سامهون ٿيڻ گويا پاڻ کي دوزخ ۾ موڪلڻو آهي. آهڙو بادشاهه کي دلداري ڏيندو پئي آيو. بادشاهه آهڙي وزير کي حڪم ڏنو ته نصرپور ۾ وڃي اها سڌ وٺي اچ، ته اتي برابر هندن جو اَوتار پيدا ٿيو آهي ڇا ۽ اهو پڻ ڏسي اچ ته ڪيتري منزل ۽

شري امرلال صاحب جون ليلائون

شري اُڏيري لال صاحب جي اوتار ڌارڻ جي سنڌ جهٽ هندن ماڻهن پڪڙجي ويئي. سنڌ جي هندن جڏهن اَمرلال صاحب جي اوتار ڌارڻ جو ٻڌو، تڏهن هو ڏاڍا خوش ٿي ڇوڙڻ لڳا ته هاڻي اسانجا سڀ دک درد دور ٿيا. اسانجي سهائتا لاءِ ۽ اسانجي ڪامنائن پورڻ ڪرڻ لاءِ ڀڳوان نصرپور ۾ اوتار ورتو آهي. مرک بادشاه جي تڪليفن ۽ ظلمن جا ڀپ هر ڪنهن هندوءَ جي دل تان لهي ويا ۽ پرماتما جي مهما ڳائڻ لڳا. هنن کي يقين ٿيو ته هاڻي اسانجو وسيلو پرگهٽ ٿيو آهي جو اسانجي رکيا ڪندو ۽ اسانکي بادشاه جي ظلمن کان ڇڏائيندو.

اها خبر مرک بادشاه کي به پهتي ته هندن جو اولياءُ نصرپور ۾ پيدا ٿيو آهي. پر هن کي پوري طرح پڪ نه پيئي آئي، اها ڳالهه ڪا سچي هوندي. هن پاهران آهتي وزير کي چيو ته هندن هي هڪ طلسم پکڙيو آهي. پر هو ساڳئي وقت اندر ۾ ڀڄڻ لڳو ته جي اُنهن برابر ٿيو ته مون لاءِ چڱو نه ٿيندو، چاڪاڻ ته هن جو اندر هندن سان ظلمن ڪرڻ ڪري ڪاڏو پيو هو. مرک بادشاه ڏٺي جي هندن کي گهرائي هميشه جي دستور موجب کين ڌمڪائڻ لڳو ته جلدي هندو ڌرم ڇڏي مسلمان دين اختيار ڪريو. هندو جو اڳي بادشاه ۽ وزيرن جي ڌڙڪي ٿي ڀڄي ويندا هئا، سي

ڏسي ته هندوري ۾ ويٺل نڪي ٻالڪ آهي، نڪي جوان آهي، پر هڪ ٻزرگ سفيد ڏاڙهيءَ وارو هندوري ۾ پيو جهولي. ساڳئي وقت وري ڏٺائين ته هڪ جوان سدا ملوڪ سهڻو ۽ سوهڻا وارو جنهنجي مٿي تي راجائي ڇٽ رکيل آهي، سو راج سنگهاسن تي ويٺو آهي، وري ڪٿي نظر ڦيرائي ته ڏسي ته هڪ ننڍو ٻالڪ پينگهي ۾ سمهيو پيو آهي، اهڙي طرح جدا جدا روپ ڏسي آهڙو وزير ڏاڍو حيران ٿيو. هن کي ڄاڻ پئي ته شري اڏيرو لال بيشڪ ڀڳوان جو اوتار آهي. آهڙو وزير شري اَمر لال جي اڳيان بيٺو ئي هو ته ڏسي ته شري اڏيرو لال اَچي گهوڙي تي چڙهيو ٺٽي شهر جي ٻاهران بيٺو آهي، لال صاحب جي هڪڙي پاسي پرهيت، ساڌو ۽ ٻيا شهر جا ماڻهو سندس اَستتي ڪري رهيا آهن ته سندس ٻئي طرف ڪنان جل جا جيو ماڻهن جهڙو روپ ڌاري لشڪر ڪاهي بيٺا آهن. مٿان وري ديوتائون گلن جي ورکا ڪري رهيا آهن مرک شاهه پاڻ سان اَميرن ۽ وزيرن شري اڏيري لال صاحب جي اڳيان سوغاتون ۽ ڀيٽائون رکي، سندس اڳيان سر جهڪايو آهي. شري اڏيري لال صاحب جا اهڙا اَچرج جا کيل ڏسي آهڙي وزير هٿ جوڙي لال صاحب جي پيرن تي ڪري هيءَ عرض ڪيو ته "سائين! اوهان خداتعاليٰ جا واڳي ۽ قدرت جا ڌڻي آهيو. اوهان صاحبن متعلق تصوير جي نگرواسين جيڪي چيو ٿي، تهڙا ئي توهين آهيو." آهڙي وزير

پنهنجي ء وارو اهو هندن جو اولياءُ آهي. جيڪڏهن ٿي سگهي ته هن کي پاڻ سان گڏ لٺي ۾ وٺي اچ. اهڙو وزير بادشاهه کان موڪلائي، سهي سويري اُٺي نگر مان نصرپور روانو ٿيو. وزير آهڙو منزلون هڻندو ڏينهن ڏيڍهن سانجهين جو نصرپور پهتو.

وزير نصرپور پهچي ماڻهن کان حال احوال ورتو. جنهن کان پتو پيو، سو چيائين ته ٺاڪر رتن راءِ جي گهر ۾ هڪ سندر بالڪ ڄائو آهي، جنهن جون اچرج ليلائون آهن. ماڻهن جي واتان اهي ڳالهيون ٻڌي وزير کي پڪ ٿي ته هندن جو اولياءُ پيدا ٿيو آهي. پر وري به پڪ ڪرڻ لاءِ هو پنهنجي سر اڪيلو رتن راءِ جي گهر ڏانهن ويو. رتن راءِ وزير سان گڏيو. پڇي ڳڇي حال احوال ڏنا ورتا. وزير رتن راءِ کي ٻڌايو ته منهنجي مرضي آهي ته تنهنجي بالڪ کي ڏسان. تڏهن رتن راءِ چيو ته ڀلي ڀلي پينگهي ۾ سهڻيل بار جو درشن ڪريو. اهڙو وزير اچي پينگهي جي ويجهو آيو؛ لال صاحب جو ڪيئن درشن ٿيو، تيئن جڻ هن کي مورڇا وٺي ويئي. اُنهي مورڇا جي حالت ۾ لال صاحب جون انيڪ ليلائون ڏسڻ لڳو. بالڪ جي منهن جي ڇٽي (سونهن) ڏسي وسمي ۾ پئجي ويو. اُٺي ٿي ڏٺائين ته لال صاحب بالڪ ته نه آهي، پر سڀرهن ورهين جو هڪ نوجوان آهي، جو پينگهي ۾ لُڏي رهيو آهي. اهڙو وزير وائڙو ٿي اکيون مهٽڻ لڳو، وري جو هندوري ڏانهن نظر ڪري ته ڇا

هنن وچي درياھ جي شيوا ڪئي ۽ ڪجھڙيءَ طرح هنن
کي درياھ مان آواز آيو تہ ”مان نصرپور ۾ رتن راءِ
جي گھر ۾ اوتار ڌاري اچي توهان جي رکيا ڪندس.“
هاڻي جڏهن بادشاھ کي لال صاحب جي اوتار ڌارڻ
جي سڌ ملي، تڏهن هن مرکي انهيءَ ڳالھ جي پڪي
خبر وٺڻ لاءِ نصرپور ۾ موڪليو. آهتي وزير پيگمت
رتن راءِ کي واڌايون ڏيڻ لڳو ۽ چوڻ لڳس تہ ”توهين
وڏن ڀاڳن وارا آهيو، جو توهانجي گھر ۾ خدا صاحب
جو ولي پيدا ٿيو آهي. پوءِ هو رتن راءِ کان موڪلائي
ٺٽي ڏانهن موٽي وڃڻ جون تياريون ڪرڻ لڳو.

मधुर स्मृति में

जय झूलेलाल



स्व. डॉ. मेवाराम एल. लखानी

आपके मार्गदर्शन में
प्राप्त शिक्षण द्वारा सदैव
सेवा में तत्पर

आपका सुपुत्र

डा. लक्ष्मणदास लखानी
R.M.P.

लखानी क्लीनिक
नाथद्वारा सराय,
भीलवाड़ा

ڪيتريون ئي سوغاتون لال صاحب جي اڳيان رکي چيو ته "سائين منهنجا گناهه معاف ڪريو. مون کان جيڪي خطائون ٿيون آهن سي سڀ بخش ڪريو. مون اڻڄاڻائي ڪري بادشاهه سان ٻاڪ هڻي کيس دلاسو ڏنو هو ته مان اوهانکي قيد ڪري نئي ويندس. مون جيڪو ڏوهه ڪيو آهي، سو مهرباني ڪري معاف ڪريو." وزير جو لال صاحب جو درشن ڪيو هو، تنهنڪري هن جو هردو شانت ۽ پوتر ٿيو. هر گهڙيءَ هٿ جوڙي نمرتا ڀاو سان لال صاحب اڳيان مٿو ٽيڪيو. وزير لال صاحب کي ڏاڍي نمرتا ڀاو سان چيو، ته "سائين اوهان بيشڪ خدا صاحب جا ولي آهيو. اوهان سنڌ جي هندن تي ديا ڪري نئي هلو ۽ مورک بادشاهه کي هوڏ تان هلي هيٺ لاهيو. هو سنڌ جي سڀني هندن کي مسلمان ڪرڻ ٿو چاهي. شري اڏيري لال صاحب، وزير جي اها وينتي قبول ڪئي ۽ ڪنڌ ڌوڻڻ سان کيس اشارو ڏنو، جنهنجو مطلب هي هو ته تنهنجي مرضي پوري ڪرڻ لاءِ اسين نئي هلنداسون. درياهه تي پهچي سک سان ڪارج ته ملنداسين. آخر وزير لال صاحب جون آهي اچرج جون ليلائون ڏسي، لال صاحب کي ساراهيندو، هٿ جوڙي ۽ نمسڪار ڪري ٻاهر آيو. وزير رتن راءِ کي نصرپور اچڻ ۽ سندس بالڪ جي درشن ڪرڻ جو ڪارڻ ٻڌايو، ته ڪهڙيءَ طرح بادشاهه سنڌ جي هندن تي مسلمان ٿيڻ لاءِ زور رکيو ۽ ڪيئن

ڪئي ته ”سائين! جيئن توهان اصرار ۾ فرمايو هو، تيئن ڪرپا ڪري پرگهٽ ٿي ڪري درشن ڏيو.

آهنو وزير لال صاحب جو دل ۾ ڌيان ڌري هن اڳيان پرارٿنا ڪرڻ لڳو. ٿوريءَ دير ۾ درياه مان انيڪ قسمن جا شبد ٻڌڻ ۾ آيا. درياه موج ۾ اچي لهرون هڻڻ لڳو. تنهنڪان پوءِ شري اُڏيرولال صاحب هڪ سندر سوڀاوان جوان جو روپ ڌاري درياه مان گهوڙي تي سوار ٿي ٻاهر نڪتو. اُن وقت لال صاحب جي هڪ هٿ ۾ جهنڊو هو ۽ ٻئي هٿ ۾ ترار هئي ۽ مٿي تي ڪلنگيءَ وانگر ٽوپي پيل هئي. لال صاحب جي پٺيان انيڪ جوڌا جوان هاٿين ۽ گهوڙن تي سوار هئا ۽ ڪيترو پيادو لشڪر هو. لال صاحب جي سندر سروپ ۽ جوتيءَ جو ڪير بيان ڪري سگهندو؟ انهيءَ مهل لال صاحب جي منهن ۾ جوتيءَ جو اهڙو پرڪاش پئي ٿيو، جو جڻ چوڏهينءَ جو چنڊ ڪڙو بيٺو آهي. لال صاحب جي ساڄي ۽ کاٻي پاسي کان ٻه ڏاهوڪا جوان گهوڙن تي چڙهيل نظر آيا. انهن جي هٿن ۾ ٻڪ جهنڊا ۽ ترارون هيون. اهي ٻئي ڄڻا بادشاه جي اڳيان محافظ مثل هئا. لال صاحب، سندس لشڪر، گهوڙا ۽ هاٿي پاڻيءَ مان ائين ٿي هليا، جيئن ڪو ماڻهو ڌرتيءَ تي هلندو آهي. آهنو وزير لال صاحب جو اهو رنگ ڏسي وسمئيءَ ۾ پئجي ويو. هو لال صاحب جي اڳيان هٿ جوڙي بيهي رهيو. لال صاحب جي پٺيان سندس فوج

لال صاحب جون ٺٽي ۾ ليلائون

آخر وزير پنهنجن ماڻهن سميت موٽي ٺٽي ۾ آيو ۽ اچي سموري ڳالهه حقيقت مرکه بادشاهه کي ٻڌايائين. وزير بادشاهه کي صلاح ڏني ته هندن سان وير ورڌ نه ڪريو ۽ لال صاحب جي شرڻ وٺي، پنهنجون خطائون ڪانئس بخشايو. اوهان هٿ تان لهي هندن سان سٺو سلوڪ ڪريو. وزير واتان لال صاحب جي ڪرامتن، قدرتن ۽ اچرج جهڙين ليلائن جو ٻڌي بادشاهه کي ڊپ ٿي پيو. وزير بادشاهه کي صلاح ڏني ته لال صاحب رواجي انسان نه آهي، پر هو قدرت جو سڀڪو مالڪ آهي. لال صاحب سان مقابلو ۽ وير ڪرڻ پنهنجي پاڙ ڪٽائڻي آهي. لال صاحب کي پيش پوڻ ۽ هن کان ڪيل خطائون معاف ڪرائڻ سان اسانجو ڀلو ٿيندو. وزير جون اهي ڳالهيون ٻڌي بادشاهه جي ڇاتي ڇڄي پيئي. بادشاهه کي سڀئي وزيرن ڳالهيون سڀ دل سان لڳيون ۽ اهي سڀ سچيون سمجهڻ ۾ آيون مرکه بادشاهه آخر وزير کي چيو ته جيئن تو کي لال صاحب فرمايو آهي، تيئن تون درياهه جي ڪپ تي وڃي لال صاحب جو ڌيان ڌري هنکي هتي اچڻ لاءِ پرارٿنا ڪر.

آخر وزير بادشاهه جو حڪم وٺي درياهه شاهه جي ڪنٺيءَ تي وڃي لال صاحب جو ڌيان ڪرڻ لڳو. آخر وزير لال صاحب کي حاضر جاڻي هن اڳيان هيءَ وينتي

جلوت ڪري سڏيندا آهن. اُڏيرو لال ۾ منهنجو نالو
آهي. مان ورڻ ديو، نديُن جو راجا آهيان. مان سڀني
ماڻهن جا ڪم ڪريان ٿو. ڪي ماڻهو مون کي جند
پير ڪوني منهنجي ڌيان ۾ سمرن ڪن ٿا. جهڙي جهڙي
ڀاونا مون ۾ رکي منهنجو سمرن منهنجا ڀڳت ڪن ٿا،
تهڙو تهڙو ڦل مان هنن کي ڏيان ٿو. تون مون کي جل جو
سروپ جاڻ. مون کانسواءِ ڪا به جاءِ يا ڪا به شيءِ خالي
نه آهي، مان هڪڙو هوندي سمائجي رهيو آهيان.

شري لال صاحب آهني وزير کي چيو ته هاڻي هل
ته تنهنجي بادشاهه وٽ هلون. آهني وراڻي ڏني ته حاضر
سائين! هلو. ائين چئي هو لال صاحب اڳيان هلڻ لڳو.
پٺيانس لال صاحب ۽ پيو ڪٽڪ هلڻ لڳو. آهني وزير
ڏٺو ته بيشمار لشڪر درياهه مان نڪتو آهي، جو لال
صاحب جي پٺيان قطارون ڪيو پيو اچي. آهني وزير
نياز سان شري لال صاحب کي هٿ ونتي ڪئي ته
منهنجي بادشاهه کي سائينءَ سان جنگ جوٽڻي ڪانه آهي.
هيڏي لشڪر هلڻ جو ضرور ڪونه آهي. اوهان اسان
کي ڪيا ڪري لشڪر کي موڪل ڏيو. شري لال
صاحب چيو ته چڱو. پوءِ لشڪر کي حڪم ٿيو ته موٽي
وڃو. حڪم پڌي جهٽ لشڪر درياهه ۾ سمائجي ويو.
فقط لال صاحب جا ٻه وير جوڌا لال صاحب جي پرسان
هلڻ لڳا. سڄيءَ واٽ آهنو وزير هٿ جوڙي لال صاحب
جي استتي ۽ واکاڻ ڪندو هليو. هو لال صاحب جو

جا سپاهي ترارون پالا ۽ نيزا کڻي ٻاجا وڄائيندا، شنک
۽ ٽوٽارين سان شبد ڪندا ٻاهر نڪتا. چئني پاسن کان
جئه جئه جا آواز پئجي آيا. مطلب ته لال صاحب جي اُن
عجيب ليلا جو ڪير بيان ڪري سگهندو؟ هيڏو لشڪر
ڏسي وزير گهٻرائجي ويو ۽ ڪنبڻ لڳو. هو دل ۾
چوڻ لڳو ته هاڻي اسان جي مٿان وڏي آفت اچي
ڪڙڪي آهي. ڪهڙي طاقت آهي جو هيڏي لشڪر
سان سامهون ٿي سگهي؟ هن دل ۾ گهڻيون ڳڻتيون پئي
ڪاڙهيون، پر ڪجهه به ڪرڻ جي هن کي همت نه ٿي. آخر شري
لال صاحب آهڙي وزير جي اکيان درياهه جي ڪپ تي
اچي بيٺو. جڏهن لال صاحب آهڙي وزير جي نزديڪ
آيو، تڏهن هو ٿر ٿر ڪنبيو ۽ مورڇت ٿي ويو. لال صاحب
هن تي ديا ڪري مٿس هٿڙو گهمايو. آهڙو وزير لال
صاحب اکيان مٿو نيڪي اُٿي بيهي هٿ جوڙي لال
صاحب جي آستتي ۽ واکاڻ ڪئي. آهڙي وزير لال صاحب
کي چيو ته، اوهين جند پير آهيو. توهان وڏا مهربان ۽
دکن کي ناس ڪرڻ وارا آهيو. توهان ورڻ ديو، جڳت
جي ڪلياڻ ڪرڻ وارا آهيو. توهان سڀني کي پالڻ وارا
آهيو. توهان ڪرپا ڪري مون تي ديا جو هٿ گهمايو.
شري اَمرلال صاحب آهڙي جا اهي دينتا جا اکر ٻڌي
هن تي ديا ڪئي. آهڙي وزير هٿ جوڙي لال صاحب
کان پڇيو ته "سائين! اوهان جو نالو ڇا آهي؟ اوهان
ڪير آهيو؟" شري اَمرلال صاحب ٻڌايو ته، مون کي

مرکه بادشاهه سان ملاقات

آهڙو وزير لال صاحب جي اچڻ جي سڌ ٻوڙ پاڻي مرکه بادشاهه کي ٻڌائي آيو. جيڪا حالت آهڙي ڏٺي هئي، سا سموري هن بادشاهه کي ٻڌائي. بادشاهه اهو حال ٻڌي، ڏاڍو ڊنو ۽ چالائين ته، هاڻي منهنجي پڄاڻي نزديڪ آئي آهي. بادشاهه ڊڪندو ڊڪندو محلات کان ٻاهر نڪتو ۽ لال صاحب جي اچڻ جي واٽ نهاريندو رهيو. جڏهن وقت لال صاحب مرکه بادشاهه جي محلات جي نزديڪ آيا، تڏهن وقت لال صاحب پنهنجن ٻنهي جوڌن کي حڪم ڏنو ته هاڻي توهين ٻه موٽي پنهنجيءَ جاءِ تي وڃو. لال صاحب جي اها آگيا ٻڌي هو ٻه وير لال صاحب جو گهوڙو ساڻ ڪري درياهه شاهه ۾ سمائجي ويا

مرکه بادشاهه جڏهن پريان لال صاحب جو درشن ڪيو، تڏهن هن جي سڀ ڏيا ۽ دهشت هار جي ويئي. هو يڪدم ڊوڙي وڃي لال صاحب جي چرڻن تي ڪريو ۽ ڏاڍيءَ عزت ۽ مان شان سان لال صاحب کي وٺي، پنهنجي محلات ۾ وڏي آسڻ تي هنکي وهاريو ۽ پاڻ هٿ جوڙي پريان ٻيهي رهيو. آهڙي وزير بادشاهه کي سموري حقيقت ٻڌائي ته ڪهڙيءَ طرح درياهه مان لشڪر سميت شري اڏيرولال صاحب نڪتو ۽ ڪهڙيون قدرتون لال صاحب ڏيکاريون آهن. لال صاحب برابر هندن جو رکڪ ۽ ولي پيدا ٿيو آهي. لال صاحب جي ليلائن ۽

جنهن ۾ وڏائي ڳائيندو رهيو.

سڀ هندو ننڍا وڏا، استريون پرش لال صاحب جو ٺٽي ۾ پڌارڻ جو ٻڌي، ڏاڍا خوش ٿي، لال صاحب جو درشن ڪرڻ آئي آيا. لال صاحب جو درشن ڪري هو ڏاڍو خوش ٿي جئه جئه شبد اُچارڻ لڳا. سڀئي هندو لال صاحب جي چرڻن ٿي ڪري، جئه جئه جا شبد اُچارڻ ۽ گلن جي ورکا ڪرڻ لڳا. هو لال صاحب جا گڻ ڳائڻ ۽ اُستتي ڪرڻ لڳا.

سڀ هندو ناريون پنهنجن گهرن جي دروازن اڳيان بيهي لال صاحب جو درشن ڪري، لال صاحب جي جئه جئه پڪارڻ لڳيون. ڪيترين نارين لال صاحب اڳيان ڦل ڦول رکي متو ٽيڪيو.

ٺٽي جا هندو گڏجي لال صاحب کي چوڻ لڳا ته "سوامي! اوهين ڀلي ڪري اسانجي شهر ۾ پڌاريا. اوهان اسانتي وڏي ديا ڪئي آهي. هي اَمر لال صاحب اسان سڀ اوهان تان قربان ۽ ٻلهار وڃون ٿا. اَوهان اسانجو سڏڙو اوناڻي اسان جي رکيا لاءِ تڪليف وٺي هت آيا آهيو. اسان ڪهڙيءَ طرح اوهان جي اُستتي ڳايون؟ اسين تڇ وستو آهيون، اسانکي ڪهڙي سمرٿي آهي، جو توهانجي اُستتي ڪريون؟ اسانکي بادشاهه ڏاڍو ستايو آهي. اوهان سڀڪي جاڻڻ وارا آهيو. اسان جي رکيا ڪريو. اُن وقت هر هنڌ آنند ئي آنند ڇانئجي رهيو هو. لال صاحب هندن کي پاڻ سان گڏ وٺي بادشاهه وٽ هليو.

مرکہ بادشاهہ تي لال صاحب جي نصيحت جو ڪوبہ
اثر نہ ٿيو. لال صاحب کي اڪيلو ڀانئجي دربار ۾
وڃڻ ڏسي دل ۾ خيال ڪيو تہ هندن جي ٻچن کي
قيد ڪري هندن کي زوريءَ زبردستيءَ سان مسلمان
ڪجي. هن قاضين سان صلاح ڪئي، جن کيس چيو تہ
هاڻي هندن جو ٻچو اڪيلو اسان وٽ وڃڻ آهي. هن
وقت هن جو ڪو ٻيو مددگار وڃڻ ڪونہ آهي. بادشاهہ
سلامت کي گهرجي تہ لڪ چوريءَ لشڪر گهرائي هندن
جي ٻچن کي قابو ڪجي ۽ پوءِ سڀني هندن کي زور
زبردستيءَ سان مسلمان ڪجي. مرکہ بادشاهہ کي قاضين
جي اها صلاح پسند آئي. هن اشاري سان لشڪر گهرائي
هنن کي حڪم ڏنو تہ لال صاحب کي قيد ڪريو. شري
اُڏيرولال صاحب انترجامي جاڻي جاڻڻ وارو هو. هوُ
سڀني جي دل جو حال جاڻي وٺي ٿو. لال صاحب مرکہ
بادشاهہ جي سموري حقيقت جاڻي ورتي. شري لال
صاحب دل ۾ خيال ڪيو تہ ڀل مرکہ بادشاهہ کي پنهنجي
۽ هنکي قدرت جو کيل ڏيکارجي. لال صاحب مرکہ
بادشاهہ کي چيو تہ "اي بادشاهہ! تنهنجو عقل مارجي
ويو آهي، جو تون مون کي قيد ڪرائڻ ٿو گهرين.
ڪنهن کي بہ طاقت نہ آهي جو مون کي هٿ لائي سگهي.
مان توکي وري بہ چوان ٿو تہ ظلم ۽ دوکي بازي
ڪرڻ ڇڏي ڏي، نہ تہ ڏاڍي تڪليف ڏسندين."
لال صاحب جا هي وچن ٻڌي بادشاهہ ٿورو ڊنو،

ڪرامتن جو مان بيان ڪري نٿو سگهان.

شري اڏيري لال مرک بادشاهه کي چيو ته "هي سڄي سرشٽي پرماتما اُٽپن ڪئي آهي. هن جڳت ۾ جيڪي ماڻهو، جيو، جنتو ۽ پکي آهن سي سڀ ڀڳوان جا اُپايل آهن. طرح طرح جا جيو ۽ پکي پيدا ٿيل آهن. هر هڪ جيو پنهنجي پنهنجي مارگ تي هلي ٿو. هن سنسار مجهه، جيڪي انيڪ ڌرم آهن، سي سڀ ڀڳوان جي مرضيءَ سان ٿيا آهن. ڌڻي صاحب هڪڙو آهي. پر هن انيڪ مذهب ۽ مت پيدا ڪيا آهن. تون چاڪاڻ هندن تي زور ظلم ڪري رهيو آهين؟ تون سڄي صاحب جي ڪوپ کان نٿو ڊڄين؟ هندو ۽ مسلمان سڀ هڪجهڙا آهن. تون چاڪاڻ ٿو پرماتما جي ڪئي کي آڏو اچين ۽ هن جي مرضيءَ جي برخلاف هندن تي زور ۽ زبردستي ڪري هنن کي اسلامي دين قبول ڪرڻ لاءِ زور رکين؟ انهن ظلمن جو توکي ايشور وٽ حساب ڏيڻو پوندو. تنهن ڪري ڀڳوان جو ڀؤ دل ۾ ڌاري زور زبردستي ڪرڻ ڇڏي ڏي، هندن ۽ مسلمانن کي هڪ جهڙو ڪري سمجهه. سڀني ڌرمن جي ماڻهن کي آزادگي ڏي ته سڀڪو پنهنجي ڌرم تي قائم رهي سگهي وقت گذاري. جهڙو توکي پنهنجو مذهب پيارو آهي، تهڙو هندن کي پنهنجو ڌرم پيارو آهي. جنهن ڪري توکي منهنجي صلاح آهي ته هندن سان زور زبردستي ڪرڻ ڇڏي ڏي ۽ هنن کي زوريءَ مسلمان نه ڪر.

جون درد ۽ ڏسوار ٻڌون پڪارون ٻڌي لال صاحب هندن جي ايمان پرگهٽ ٿيو. لال صاحب جو درشن ڪري هندو ڏاڍا خوش ٿيا ۽ لال صاحب جي چرڻن تي ڪري پيا. لال صاحب هندن کي چيو ته اوهان ڪنهن به قسم جو ڊپ نه ڪريو. مان هروقت اوهان سان همراهه آهيان. توهان سڀئي هندو استرين ۽ ٻالڪن سميت درياهه جي ڪناري تي جيڪو سندر آستان ٺهرايو آهي تنهن ۾ هلي آنند سان وهو. پوءِ ويهي ڏسو ته مان بادشاهه سان ڪهڙي دردشا ٿو ڪريان.

لال صاحب جا اهڙا مٺڙا ۽ پريم ڀريل وچن ٻڌي هندن کي ڏاڍو آنند آيو. هو لال صاحب جي مهما ڳائيندا درياهه جي ڪناري تي آيا. اُتي درياهه جي ڪپ تي هڪ شاهي ۽ سندر آستان ڏسي هندن کي ڏاڍو عجب لڳو. سڀ هندو زالون مردون اُن آستان ۾ اچي رهيا. اُن سندر آستان جي ڪهڙي مهما ڪجي. جيڏو هو وڏو، تهڙو هو عاليشان ٺهيل. سڀ هندو اُن آستان ۾ ويهي لال صاحب جا گڻ ڳائڻ لڳا. تنهن کان پوءِ لال صاحب جل جو سروپ ڌاري مرکه جي محلات ۾ اچي پرگهٽ ٿيو. محلات ۾ اٿرو ته پاڻي اُڀري اچي پيدا ٿيو، جو لشڪر جا سپاهي، قاضي ۽ بادشاهه پاڻيءَ ۾ غوطا کائڻ ۽ ٻڏڻ لڳا. مرکه بادشاهه ڊپ وچان وڏي مشڪل سان جل کان ٻاهر نڪتو. سڀني کي اهو ڊپ اچي لڳو ته هاڻي الاجي ڇا ٿيندو؟ مرکه لشڪر کي

پر قاضين وري هن کي برغلايو ۽ چيو ته جيڪڏهن قبلا!
هندن جو پير اسانجي قبضي ۾ آيو آهي. هن کي قيد
ڪري هندن کي مسلمان ڪرڻ جو سهڻو وجهه آهي.
اوهان هن پر ڇو ٿا ٻجهو؟ هي اڪيلو اسانکي ڇا ٿو
ڪري سگهي؟ اوهان هنکي قيد ڪري هڪدم سڀني
هندن کي مسلمان ڪرايو. مرکه بادشاه جيتوڻيڪ اندر
۾ ڏنو پئي، پر قاضين جي مرضي رکڻ لاء هن لشڪر
کي حڪم ڪيو ته لال صاحب کي پڪڙي قيد ۾ وجهو.
سپاهي جڏهن شري امرلال صاحب کي پڪڙڻ لاء آيا
تڏهن هوهڪ وڏو ڀيانڪ آواز ڪري دربار مان غائب
ٿي ويو. ڪنهنکي به سڌ نه رهي ته لال صاحب ڪيڏانهن
هليو ويو. سپاهي لال صاحب کي ڳولي پشيمان
ٿي مٿي ڪري ويهي رهيا. لشڪر جي سپاهين لال
صاحب کي ٺٽي جي شهر ۾ ڳوليو، پر ڪنهنکي به لال
صاحب جو پتو ڪونه پيو. بادشاه اها خبر ٻڌي حڪم
ڏنو ته شهر جي هندن کي ٻڌايو وڃي ته سندن پير گيدي
ٿي ڀڄي ويو، هاڻي سندن ڪو به روادار نه آهي. تنهن
ڪري صلاح پوري ڳالهه اٿو ته محمدي مذهب ۾ سڀ
مسلماني دين قبول ڪريو، ٻي صورت ۾ اوهانکي
ماريو ويندو. بادشاه جو حڪم ٻڌي سڀ هندو ڏاڍي
۾ پئجي ويا. هندو پير کي وسيلو نه ڄاڻي وري به لال
صاحب جي آراڌنا ڪرڻ ۽ ڪيس پڪارڻ لڳا ته لال
صاحب هن اوکيءَ وقت اسانجي سهائتا اچي ڪر. هندن

چيو تہ هندن جو گرو ٻڌي پيو ويو. هن تنهن کان پوءِ هندن کي گهرائي، هنن کي دڙڪا ڏنا تہ اوهانجو گرو ٻڌي پيو ويو آهي، هاڻي اوهان مسلماني دين قبول ڪريو. هندن بادشاهہ کي وراڻي ڏني تہ اسانجو گرو هر هنڌ حاضر آهي، هو انترجامي آهي ۽ هر وقت اسان جي سهائتا ڪندڙ آهي. مرکہ بادشاهہ هندن کي واڪو ڪري چيو تہ پنهنجي گرو کي هڪدم گهرايو نہ تہ مان سڀني کي مسلماني مذهب ۾ داخل ٿو ڪريان. هندن تنهنتي واڪا ڪري پڪاريو تہ شري جل راءِ هاڻي اچي اسانکي مرکہ بادشاهہ کان ڇڏاءِ. هن اسانکي ڏاڍي تڪليف ڏني آهي. اسانجي سهائتا ڪر. اسين اماڻا تنهنجي شرن آيا آهيون، اسانجي رکيا ڪر. شري اَمرلال پنهنجي مايا کيڏي ورتي. سڀني جل راءِ جو درشن ڪيو. لال صاحب هندن کي چيو تہ مرکہ اوهان کي هٿ لائي ڪونہ سگهندو. اوهان ٻڌو نہ. مان مرکہ بادشاهہ کي سندن ظلمن جي سزا ٿو ڏيان. شري اَمرلال صاحب اگني ديوتا کي گهرائي، اُن کي حڪم ڏنو تہ مرکہ بادشاهہ جي محلات کي ساڙي ڀسم ڪر ۽ پوَن ديوتا کي گهرائي لال صاحب حڪم ڏنو تہ اَگني ديوتا جي مدد ڪر. اگني ديوتا لال صاحب جو حڪم پائي مرکہ بادشاهہ جي محلات کي وڪوڙي ويئي. طوفان بہ اهڙو لڳو، جو زمين آسمان هڪ ٿي ويو. محلات جا ماڻهو باهہ جي ٻپ کان ڏاڍا ڊڪي پيا ۽ واڪا ڪري پڪارڻ

حڪم ڏنو ته لال صاحب کي جهلي قيد ۾ وجهو. لشڪر ڳوليندي ڳوليندي درياهه، جتي ڪپ تي اچي ڏسن ته لال صاحب هندن جي مندر ۾ سنگهاسن تي چڙهيو ويٺو آهي. جڏهن لشڪر جا سپاهي لال صاحب کي پڪڙڻ لاءِ ويا، تڏهن لال صاحب پنهنجو جل سروپ بدلائي هوا جو آڪار ڪيو. شهر ۾ اهڙو اچي طوفان لڳو، جنهن زمين آسمان هڪ ڪري ڏنو. چوڌاري اونده اندوڪار ڇانئجي ويو. اهڙا حالت ڏسي شهر جا ماڻهو ڏاڍو پريشان ٿيا. ڪوبه ماڻهو ڪنهن کي ڏسي نٿي سگهيو. هوا ڏاڍي زور سان ٿي لڳي. ماڻهو ڏاڍو وياڪل ٿي واڪا ڪرڻ لڳا ته هائي اسان سان الاجي ڇا ٿيندو؟ تنهن کانپوءِ لال صاحب ڏاڍو گهڻو پرڪاش پيدا ڪيو. پوءِ سڀ اونده گم ٿي وئي. شري اَمرلال صاحب پنهنجو نج سروپ سوئم پرڪاش جوتي سروپ ظاهر ڪيو. لشڪر جا سپاهي لال صاحب جي جوتي سروپ جي پرڪاش جو ديدار ڪري ڏاڍا خوش ٿيا. هنن سمورو حال بادشاهه کي وڃي ٻڌايو. مرکه بادشاهه پرمان ايهي نظر ڪرڻ لڳو. ڇا ڏسي ته پرمان ڪڏهن وڏي پرڪاش واري جوت ڏسڻ ۾ ايندي اچي ته ڪڏهن جبل جون وڏيون چوٽيون پيون ڏسجن. بادشاهه حڪم ڪيو ته جيڪو شري اَمرلال کي پڪڙي وٺي ايندو، تنهن کي جاگيرون انعام ڏيون ۽ ڌن سان بخشش ڪبو. پر لال صاحب ڪنهن کي به هٿ نه آيو. مرکه بادشاهه تنهن تي خوش ٿي

دور ڪريو. اهڙيءَ طرح ورلاپ ڪري وري سڏي اَمرلال صاحب جي چرڻن ۾ ڪري پيو. هي جل راءِ! اوکيءَ مان سرکي ڪرڻ وارا توهين آهيو. مان توهان جي شرڻ آيو آهيان. توهان کان سواءِ ٻيو ڪير آهي جو اسانجا دک دور ڪري سگهي. هي سائين! مان هندن کي ڏاڍو ستايو آهي، مان وڏو پاپي آهيان، جو توهان کان اِي مکه ٿيو آهيان. مهنجا ٿيل گناهه معاف ڪريو. هڻ مهرباني بخشش ڏيو، وري مان گناهه نه ڪندس، مان سچو پڇتاءُ ڪريان ٿو. مان توهان جي ٻل کي صحيح ڪري نه سگهندس، جيتوڻيڪ توهان ڪيترن نمونن سان مونکي اُپديش ڏنو.

مرکه بادشاهه کي دکي ۽ دکن ڏسي شري جلپتراءِ کي ديا آئي. شري لال صاحب اگني ديوتا ۽ وايو ديوتا کي حڪم ڏنو ته موني پنهنجيءَ مريادا ۾ اچو. هڪڙي ڪن ۾ باهه وسامي وئي، مرکه بادشاهه هٿ جوڙي ڏاڍي دينتا سان شري اَمرلال صاحب کي چيو ته ”هي سوامي! هاڻي جيئن توهان آگيا ڪريو تيئن مان ڪريان. توهان جي حڪم جي برخلاف ڪڏهن به نه هلندس.

شري اَمرلال صاحب مرکه بادشاهه کي چيو ته توڻ هندن ۽ مسلمانن کي هڪ جهڙو ڪري سمجهه. هندن کي زوريءَ مسلمان ڪرڻ جو خيال لاهي ڇڏ.

مرکه بادشاهه هٿ ٻڌي وراڻي ڏني ته سائين! اوهان جو حڪم مونکي اکين تي آهي. مان هندن سان

لڳا ۽ محلات کان ٻاهر نڪري ٻاڻ ۾ صلاح ڪرڻ لڳا
ته مرکه بادشاه کي صلاح ڏجي ته هندن جي گروه
کان هلي معافي وٺجي. مرکه بادشاه کوبه ٻيو چارو
وسيلو نه ڏسي سڀني کي ساڻ ڪري درياه جي ڪنٽي
تي اچي لال صاحب کي پرارٿنا ڪرڻ لڳا ته اسانجون
خطائون معاف ڪر. سڀني ڏٺو ته هندو درياه جي
ڪنٽي تي هڪ سندر ۽ شاهي محلات ۾ سکي ٿي ويٺا
آهن ۽ اسين هتي تڪليفن ۾ اچي پيا آهيون. هو اهو
سڀ لال صاحب جي مهما جو ڦل سمجهڻ لڳا. هندو
شري اڏيري لال صاحب جي اها مهما ڏسي ڏاڍو خوش
ٿيا. مرکه بادشاه چوڻ لڳو ته هي جل راه! مون گهڻا
گناه ڪيا آهن، مونکي سڀ بخش ڪر، مون کي
پنهنجن پاپن جي سزا ملي چڪي آهي. مان گهڻو وياڪل
ٿيو آهيان، هاڻي مونکي معافي ملي. مرکه بادشاه
هندن کي نماڻو ٿي چيو ته مونکي گناه بخش ڪريو ۽
پنهنجي گروه کان معافي وٺرائي ڏيو. هندو مرکه
بادشاه کي ان سندر آستان تي وٺي آيا، جتي سڀ
هندو ڪٺا ٿيا ويٺا هئا. شري امرلال صاحب سڀني هندن
جي وچ ۾ هڪ مٿي سنگهاسن تي ويٺو هو. مرکه بادشاه
هڪدم اچي شري اڏيري لال صاحب جي چرنن تي
ڪريو ۽ شرن شرن ڪري پڪارڻ لڳو. هو چوڻ لڳو
ته سائين! مان شرن آيو آهيان، منهنجي رکيا ڪريو،
مان ڏاڍو دکي ٿيو آهيان، ڪرپا ڪري منهنجا دک

منهنجن جو ۽ ساٿين جي مهل منهنجو ڌيان ڪريو، آن ٿان ۾ ڏيپ گھٽي ٿدر ڪريو ۽ راس ڏينهن منهنجي شيوا ۾ لڳا رهو. منهنجي جنم جو ڏينهن ٿارون آهي، جو ڏينهن خوشيءَ جو آهي. ٿارونءَ جي ڏينهن منهنجي جوت تي گلن جي مالها چاڙهڻ گھرجي ۽ سيسا ۽ پرساد ورهائڻ گھرجي. اوهين منهنجي مٿين اُپديش موجب هلندا ته اوهين ڄاڻو ته مان اوهان وٽ وٺو آهيان.

هندن شري اڏيري لال صاحب جي اُستتي ڪئي "هي سوامي! اوهين وشنو ڀڳوان جو اَوتار آهيو. اوهين ڌرم جي رکيا ڪرڻ لاءِ اَوتار ڌاري پرٿويءَ تي آيا آهيو. اوهان اسانجي رکيا ڪئي. اوهانجي جئه ٿئي." سڀئي هندو گڏجي شري اَمرلال صاحب جي اُستتي ڪرڻ لڳا.

شري لال صاحب هندن جو پريم ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو. لال صاحب هندن کي چيو ته هاڻي اوهانجا ڪارج راس ٿيا. مرکه بادشاهه اوهان کي ڪڏهن بہ ڪين رنجائيندو. توهين سڀ دل ٿان ڀپ لاهي پنهنجي ڌرم ۽ ڪرم تي پورا رهي پنهنجي جيوت آنند ۾ گذاريو. هندو پوءِ نمسڪار ڪري موڪلائي ويا. شري اڏيرولال صاحب اَنترڌيان ٿي ويو. سندس محلات جو درياهه جي ڪپ تي هو، سو پڻ درياهه ۾ سمائجي ويو. ٿئي جي هندن اُنهيءَ ساڳئي هنڌ هڪ ٿان ٺهرايو.

مرکه بادشاهه هندن سان رحمدليءَ سان هلڻ لڳو ۽ هن ڪڏهن بہ هندن جي ڌرم ۾ دست اندازي نہ ڪئي.

مسلمانن جهڙو ورتاءُ هلندس ۽ سائن زوري زبردستي ۽ ظلم نہ ڪندس. ڪين مسلماني مذهب ۾ داخل ٿيڻ لاءِ ڪونہ چوندس. مان هندڪي سکي ۽ خوش رکندس. شري اَمرلال صاحب مرکہ بادشاهہ جي پٽي ٿپري هن کي موڪل ڏني.

تنهن کانپوءِ شري اَمرلال صاحب هندن کي آگيا ڪئي تہ هاڻي اوهين ڀہ وڃي سکي ٿيو. هندن هٿ جوڙي وينتي ڪئي تہ "هي ڀڳوان! اسان اوهانجي اُستتي ڪري ڀاڳون ٿي ٿيا. اوهان اسان کان موڪلائي نہ وڃو ۽ هتي ئي ۾ ئي رهي پئو. اسين اوهانجو وڇوڙو سهي نٿا سگهون. وري ڀہ جيڪي اوهانجي آگيا هجي تنهن اسين ڪرڻ لاءِ تيار آهيون. شري اَمرلال صاحب هندن کي اُپديش ڏنو تہ سدائين اوهان ڀرائڻ ٿي رهو ۽ منهنجي شرن ۾ رهو. منهنجو روپ جوت آهي. اُن روپ کي اوهين پنهنجي من ۾ ڌارڻ ڪريو. اوهين جل ۽ جوت جي ٽهل ڪريو ۽ مونکي هردي اندر رکو. ائين ڪرڻ سان اوهانجي پيڙا ۽ اوهانجا پاپ سڀ دور ٿي ويندا. اوهين نٽي نگر ۾ هڪ ٿان ٺهرايو جنهن ٿان ۾ منهنجي جوت جاڳايو. ڏينهن رات اها جوت جاڳندي رهي ۽ پرڪاش ڪندي رهي. انهيءَ جوت ۾ منهنجو واسو ڄاڻو اُن ٿان ۾ ويهي اوهين منهنجو سمرڻ ڪريو. جوت ۽ جل جي شيوا ڪريو. جل ۽ جوت جي شيوا ڪرڻ سان اوهانجا سڀ ڪارج سڌ ٿيندا. اُن ٿان ۾ ويهي صبوح جوءِ

هنجي جهنڊ لهرائڻ جو مهورت گر براهمڻ کان ڪيائو. درياهه جي ڪناري تي ٿان ۽ وڏي آتساهه سان منڊڻ سنڪار شري امرلال صاحب جو ٿيو. انهيءَ ڏينهن رتن راءِ ديڳيون چاڙهائي مٿون ۽ غريبن کي کارايو ۽ فقيرن کي دان پنج ڏنو. جڏهن لال صاحب پنجن ورهين جو ٿيو، تڏهن رتن راءِ بالڪ کي وديا پڙهڻ لاءِ برهمڻ وٽ وهاريو. برهمڻ پٽيءَ تي ڪي اکر لال صاحب کي لکي ڏنا ۽ لال صاحب کي پڙهايا ٿي ته لال صاحب اهي اکر بلڪل سولائيءَ سان پڙهي ويو جڻ ته ڪو اڳيئي پڙهيل هو. پوءِ هڪ شاستر پڙهي ويو ۽ هڪڙي ڪنهن به قسم جي تڪليف پڙهڻ ۾ نه ٿي. لال صاحب سڀني شاسترن مان جڻ ته اڳيئي واقف هو، اهڙي طرح سڀ شاستر پڙهڻ لڳو. برهمڻ رتن راءِ کي ٻڌايو ته اوهان جو پٽ ايشور جو اوتار آهي. هي سڀڪي ڄاڻي ٿو. لال صاحب تنهن کان پوءِ اهڙي مايا پکيڙي جنهن پتا جي من ۾ لال صاحب جي اوتار جي ڀاونا نه ٿي پر پٽ جي پريت ڀي رهي. هو ٻئي چوڻ لڳا ته لال صاحب جي ٻڌي بلڪل تيکڻ آهي جنهن ڪري هوُ سڀ شاستر هڪدم پڙهي سگهي ٿو. لال صاحب ڌرم ۽ نيتيءَ جا سڀ پستڪ اٺن ورهين جي ڄمار اندر پڙهي ويو. آن ڪانپوءِ لال صاحب ويدن جي پڙهڻ جو خيال ڪيو.

جنهن تي گر برهمڻ رتن راءِ کي ٻڌايو ته لال صاحب کي جڻيو پائڻ گهرجي. لال صاحب جا سڀ مٽ مائٽ

ٻال چرتر

تنهي ۾ شري اڏيري لال صاحب جا عجيب ۽ قدرتي نظارا هئا ته نصرپور ۾ وري سندس ٻال ليلائون هيون. ڪڏهن ڪلڪ سان ته ڪڏهن روئڻ سان ماتا ڏيرڪي ۽ پتا رتن راء جو سارو ڌيان پاڻ ڏانهن ڇڪي رهيو هو. نصرپور جي رهاڪن شري امرلال صاحب کي نصرپور ۾ ئي سمجهيو ته ساڳي وقت ٺٽي جي رهاڪن لال صاحب کي ٺٽي ۾ ڪرامتون ڪندو ڏٺو. ٻنهي هنڌن ماڻهن شري اڏيري لال صاحب جون ليلائون ۽ رچنائون ڏسي ۽ ٻڌي ڏاڍا خوش ٿيا ۽ گد گد ٿيڻ لڳا. نصرپور ۾ هڪ ٿان لال صاحب جو ٺهرايو ويو، جتي سدائين هندو پنج ڀاو ۽ شيوا پوڄا ڪرڻ لڳا. پڪيت رتن راء سنڌ ۾ چوڌاري پنڊتن کي چٺي لکي موڪلي ته ايندڙ چيٽي چنڊ تي سکر اچي درياهه شاهه تي اُتسو ملهائي، جو شري لال صاحب مرک بادشاهه جو اپمان دور ڪري هن کي پنهنجو ڪيو آهي. اهڙيءَ طرح ساريءَ سنڌ ۾ چوڌاري ميلا، آنند ۽ اُلاس ٿيا. شري اڏيرو لال صاحب رتن راء جي گهر ۾ نپجڻ لڳو ۽ وڏو ٿيڻ. ڪڏهن رڙهيون پائڻ ته ڪڏهن ٻانبڙو ٿي هلڻ ته ڪڏهن اٿي ٻيهي ۽ هلڻ ۽ ٻاتڙي ڳالهائڻ سان ماتن کي پيار ٿي ڏيکارڻ ۽ خوش ڪرڻ لڳو. جڏهن لال صاحب ڏيڍ سال جو ٿيو، تڏهن هنجا وڏا وار ڏسي پڪيت رتن راء

ڪري هنڪي ضرور گروءَ کان منتر وٺڻو آهي.

شو مهاراج رتن راءِ جي انهيءَ ڳالهه قبول ڪري گورکناٿ جو آواهن ڪيو، جو پريان هري گيت ڳائيندو هنڪي ڏسڻ ۾ آيو ۽ ونءِ اچي پهتو. انهيءَ طرح شنڪر ڀڳوان گورکناٿ کي شري امرلال جي گرو ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. سوامي گورکناٿ شري امرلال کي جنهن پاڻ، گر اپديش ۽ منتر ڇپائڻ جو شيو ڪم ڪري اُتان انترڌيان ٿي ويو. پوءِ سڀ موٽي گهر آيا ۽ ڏاڍيون خوشيون سڀني گهرن ۾ ٿيون. رتن راءِ ڀوڄن، ڪپڙن ۽ ڌن جو خوب دان برهمڻن، پنڻن، جاچڪن ۽ منگتن ۾ ڪيو. هن وقت تائين جيڪي اوتار ٿيا آهن، تن سڀني گرو ڪيو آهي. انهيڪري شري امرلال به لوڪ مرياد ڪري گرو ڪرڻ واجب ڄاتو ۽ اهو خيال ڪيو ته جيڪڏهن اسين گرو نه ڪنداسين ته گرهستي به اسان جو مثال وٺي گرو نه ڪندا. انهيڪري شري امرلال گورکناٿ گرو ڪري اُن کان گر منتر ورتو. جنهن پاڻ ۽ گر منتر وٺڻ کان پوءِ لال صاحب چارئي ويد ٿن سالن ۾ پڙهي پورا ڪيا.

شري امرلال هڪ ڏينهن پنهنجي وديا گروءَ سميت درياهه جي ڪناري تي ويٺا هئا ته پنڊت کي هڪ ٻيڙي درياهه ۾ لڙهندي ڏسڻ ۾ آئي. پنڊت ٻرهه ۾ گهڙي اُها ٻيڙي ٻاهر ڪڍي آيو ۽ اچي کوليائين اُن ۾ ڪجهه رتشمي وڳا ۽ ٻه ڏاهون ڇڏيءَ جون ٿيل

چيٽيءَ چنڊ جي ميلي ۾ جهٽي ڀائڻ جي خوشي ملهائڻ
لاءِ سنڌو درياهه جي ٺاڻ صاحب ڏانهن ويا آئي ته واٽ ۾
هلندي هنن کي شِو مهاراج رشيءَ جي وهس ۾ ڏسڻ ۾ آيو
جنهن مرگهه ڇالا وڇايو ته ڌيان لڳايو ويٺو هو. شو جي
درشن لاءِ سڀ اٿي ويا. مهاديو رتن راءِ ۽ سنڌس مٽن
مائٽن جي اچڻ جي مراد سڦوري ڄاڻي آئي، ته ۽ لوڪ
مريادا موجب خبر چار ورتي. پڇيت رتن راءِ شري اَمر لال
صاحب کي جهٽي پائڻ ۽ گرو ڪرڻ جو حال احوال ڏنو
۽ شو مهراج کان صلاح پڇي ته ڪرپا ڪري ٻڌايو ته
ڪهڙي گياني ۽ ودوان گروءَ کان شري اُڏيري لال کي
گر اُپديش ڏيارجي؟ ڀولاناٿ مُشڪي وراڻي ڏنس ته
"شري اُڏيري لال صاحب کي گراپديش جو ڪو ضرور
يا کوج ڪانه آهي، هو پاڻ گرن جو گرو، ديون جو ديو
۽ پورڻ ودوان ۽ مهاگياني ۽ انترجامي جڳت جو سوامي
آهي. اوهان هنجون ڪيتريون ليلائون ڏٺيون آهن ته
